SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سندھ آرڈیننس نمبر I مجریہ 2000

SINDH ORDINANCE NO.I OF 2000

سندھ پبلک سروس کمیشن (ترمیم) آرڈیننس، 2000

THE SINDHPUBLIC SERVICE COMMISSION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2000

فہرست (CONTENTS)

تمہید (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ءِ شروعات
Short title and commencement

2. سندھ ایکٹ XI مجریہ 1999 جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Act XI of 1999

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 2000
SINDH ORDINANCE NO.I OF 2000
سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 2000
THE SINDHPUBLIC SERVICE COMMISSION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2000

[15 مارچ 2000]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، چيف ايگزيڪيوٽو جي هدايت تي سنڌ جو گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ

ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 2000 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ XI مجريہ 1999 جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Act XI of 1999

2. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 جي دفعہ 5، ذيلي دفعو (2) ۾ پي شرطيہ بيان ڪانپوءِ هيٺيون نئون شرطيہ بيان جي اضافو ڪيو ويندو:

"حڪومت عوامي مفاد کي نظر ۾ رکندي ڪنهن انفرادي ڪيس جي لاءِ موجوده شرطن ۽ ضابطن جي تحت مقرريءَ جي اجازت ڏئي سگهي ٿي. ان صورت ۾ جڏهن ڪنهن ميمبر جي استعيفيٰ ڏيڻ يا ملازمت جي مدت پوري ٿيڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن عهدو خالي هجي."

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.